# امام اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جون مبارڪ عادتون

**15-February-24**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

15 فيبروري، 2024ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون مبارڪ عادتون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

- ✿… حنفين جي لاءِ عظيم الشان بشارت
- ✿… اِمام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مختصر تعارف
- ✿… امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو علمي شان
- ✿… امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون مبارڪ عادتون
- ✿…10 هزار مون معاف ڪيا

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)
For Feedback: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن (يعني جمعرات جو سج لهڻ کان وٺي جمعي جو سج لهڻ تائين) مون تي درود پاڪ جي ڪثرت ڪيو! جيڪو ايئن ڪندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي گواهي ڏيندس ۽ شفاعت به ڪندس.[1]

تمنّا ہے فرمایئے روزِ محشر
یہ تیری رہائی کی چِٹھی ملی ہے
شفاعت کرے حشر میں جو رضاؔ کی
سوا تیرے کس کو یہ قُدرت ملی ہے
(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي.[3]
اي عاشقانِ رسول! چڱي نيت ٻانهي کي جنّت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو، مان نيتون

1 شُعَبُ الْاِيْمَان، باب فی الصلوات، جلد:3، صفحه:111، حديث:3033۔

2...حدائقِ بخشش، صفحه:188 ملتقطًا۔

3...بخاری، كتَاب بَدءُ الْوَحی،باب کیف کان بدء الوحی الی رسول اللہ، صفحه:65، حديث:1۔

ڪرايان ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو تہ اِنْ شَآءَ الله چئي ان جو اظهار ڪريو: ❁ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❁ عِلمِ دين جو ادب ڪندي اَدَب سان ويهندس ❁ بيان جا اَهم نڪتا (Points) لکي وٺندس ❁ بيان جون جيترِيون ڳالهيون ياد رهجي ويون، گهر وجي گهروارن کي، ٻارن کي، دوست احباب کي ٻڌائي عِلم دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

## حنفين جي لاءِ عظيم الشان بشارت

ڪروڙين حنفين جي امام، امام اعظم ابوحنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي زندگي مبارڪ ۾ 55 حج ڪيا، جڏهن پاڻ آخري ڀيرو حج جي سعادت حاصل ڪيائون تہ سندن خواهش تي ڪعبي جي خادمن ڪعبي شريف جو دروازو کوليو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عاجزي جا پيڪر بڻجي اندر داخل ٿيا ۽ ڪعبي شريف جي 2 ٿنڀن جي درميان ويهي ڪري 2 رڪعت ۾ سڄو قرآنِ پاڪ ختم ڪيو. نماز ۽ تلاوت کان فارغ ٿيڻ کان بعد پاڻ دير تائين روئي ڪري الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعائون ڪندا رهيا، ڪين اجا دعا ۾ ئي مشغول هئا تہ ڪعبي شريف جي هڪ ڪنڊ مان آواز آيو: اوهان چڱي طرح اسان جي معرفت حاصل ڪئي ۽ خلوص سان عبادت ڪئي، اسان توکي بخشي ڇڏيو ۽ قيامت تائين جيڪو بہ اوهان جي مذهب تي هوندو (يعني اوهان جي پيروي ڪندو) ان کي بہ بخشيو ويندو.[1]

اي عاشقانِ امام اعظم! اَلحَمْدُلله! اسان ڪيتري قدر خوش نصيب آهيون جو حضرت امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو دامن اسان جي هٿن ۾ آهي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هن دامنِ ڪرم جي صدقي قبر و حشر ۾، قيامت جي ڏينهن پلصراط تي ضرور ڪرم ٿيندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ مصطفيٰ جان رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

1 رد المحتار على الدر المختار،مطلب:يجوز تقليد المفضول مع وجود الافضل،جلد:1،صفحہ:126 ملتقطًا۔

شفاعت سان امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پنيان پنيان جنت ۾ داخل ٿي وينداسين.

مروں شہا! زیرِ سبز گنبد، ہو مدفن آقا بقیعِ غرقد | کرم برائے رسولِ اکرم، اِمامِ اعظم ابوحنیفہ! (1)

## ولين تي الهام ٿيندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪعبي شريف جي ڪنڊ مان جيڪو آواز ٻڌو، ان کي الهام چئبو آهي. الهام اهو سچو علم هوندو آهي جيڪو الله پاڪ پنهنجي ٻانهن جي دل ۾ غيب ذريعي وجهندو آهي ۽ ڪيئي ڀيرا ايئن ٿيندو آهي ته ملائڪ وليُّ الله سان ڪلام ڪندو آهي.[2]

قرآن ڪريم ۾ آهي:

اِنَّ الَّذِیْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا تَتَنَزَّلُ عَلَیْهِمُ الْمَلٰٓىٕكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَ لَا تَحْزَنُوْا وَ اَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِیْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ (۳۰)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ جن چيو: اسان جو ربّ الله آهي پوءِ ان تي ثابت قدم رهيا انهن تي ملائڪ لهن ٿا (۽ اهي چون ٿا) ته توهان نه ڊڄو ۽ نه غم ڪيو ۽ ان جنت تي خوش ٿي وڃو جنهن جو توهان سان وعدو ڪيو ويندو هو. (پاره:24، حٰمٓ السّجدَة:30)

هن آيتِ ڪريمه مان معلوم ٿيو، اهي نيڪ مسلمان جيڪي ايمان آڻين، اُن تي استقامت اختيار ڪن ۽ اُن جي تقاضن کي پورو ڪن، ان تي ملائڪ نازل ٿيندا آهن، انهن کي خوشخبريون ٻڌائيندا آهن. عالم سڳورن هن آيت مان اولياءِ ڪرام جي الهام کي ثابت ڪيو آهي.[3]

---

1... وسائلِ بخشش،صفحہ:574۔
2 الیواقیت و الجواہر،المبحث السادس و الاربعون فی بیان وحی ...الخ،صفحہ:342خلاصۃً۔
3 الیواقیت و الجواہر،المبحث السادس و الاربعون فی بیان وحی ...الخ،صفحہ:344خلاصۃً۔

# وحي ۽ الهام ۾ فرق

خيال رهي! وحي اها آهي جيڪا نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام تي ايندي آهي ۽ الهام اهو آهي جيڪو ولين سڳورن تي ڪيو ويندو آهي، انهن ٻنهي ۾ ڪيئي طرح فرق آهي (1) وحي ۾ شرعي احڪام به بيان ٿيندا آهن جڏهن ته الهام جيڪو ولين تي ٿيندو آهي، ان ۾ شرعي احڪام ناهن هوندا، صرف خوشخبريون هونديون آهن يا وري انهن کي ڪا غيب جي خبر ٻڌائي ويندي آهي يا بعض اوقات اولياءِ ڪرام کي ڪا قرآني آيت يا حديث شريف وغيره سمجهڻ ۾ مشڪل ٿي رهي هجي ته انهن کي الهام جي ذريعي سمجهائي ويندي آهي. (2) نبي عَلَيۡهِ السَّلَام وحي آڻڻ واري ملائڪ کي ڏسندا آهن جڏهن ته وليُّ الله الهام ڪرڻ واري ملائڪ کي ناهن ڏسندا صرف غيبي آواز ٻڌندا آهن يا علم جي ڳالهه سندن دل ۾ وڌي ويندي آهي. (3) وحي شرعي دليل هوندي آهي جڏهن ته الهام اُن درجي جي دليل ناهي.[1] مثلاً صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡهُم کي قرآنِ پاڪ ۾ جنتي فرمايو ويو، لهٰذا صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡهُم يقيني جنتي آهن جڏهن ته اسان هاڻي جيڪا روايت ٻڌي، حضرت امام اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي پيروي ڪرڻ وارن جي لاءِ ٻذريعہ الهام بخشش جي بشارت ڏني وئي، هن مان اهو نتيو چئي سگهجي ته جيڪو به حنفي آهي اهو يقيني جنتي آهي، ها! هن الهام جي بدولت الله پاڪ جي رحمت مان پڪي اُميد رکي سگهجي ٿي ته اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! جيڪو امام اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو دامن ڪرم پڪڙي، ربّ ڪائنات پنهنجي ڪرم سان ان کي بخشي ڇڏيندو.

ياد رکو! اسان جا آقا و مولٰي، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني کان آخري نبي آهن، سندن بعد هاڻي قيامت تائين نہ ڪو نئون نبي ايندو، نہ ئي

1 اليواقيت و الجواہر،المبحث السادس و الاربعون فی بیان وحی ...الخ،صفحہ:342-344خلاصۃً۔

ڪنهن جي طرف نبوت واري وحي ڪئي ويندي.

شہِ انبیا ہے، خُدا کا ہے پیارا | وہ نبیوں میں سُن لو! نبی آخری ہے
مُحَمَّد ہے احمد، ہے سلطانِ بطحا | وہ نبیوں میں سُن لو! نبی آخری ہے

*_*_*_*

مُحَمَّدِ مصطفےٰ! | سب سے آخری نبی! | احمدِ مجتبیٰ! | سب سے آخری نبی!
آمنہ کا لاڈلا! | سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دو سرا! | سب سے آخری نبی!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## امام اعظم جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! سراجُ الأُمَّه (يعني اُمَّت جا روشن سج)، امامُ الأئِمَّ (امامن جا امام) حضرت امام اعظم ابوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مبارڪ نالو نعمان، سندن والد گرامي جو نالو: ثابت ۽ ڪنيت: ابوحنيفه آهي، ايئن سندن پورو نالو: ابوحنيفه نعمان بن ثابت آهي. امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 80 هجري ۾ عراق جي مشهور شهر ڪوفي ۾ پيدا ٿيا ۽ 70 سال جي عُمر ۾ 2 شعبان المعظم 150 هجري ۾ وفات ماڻي. سندن مزار شريف بغداد شريف ۾ آهي.[1]

امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه شان امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪندي لکن ٿا:

ہو نائبِ سرورِ دو عالم، اِمامِ اعظم ابوحنیفہ! | سراجِ اُمّت فقیہِ اَفخم، اِمامِ اعظم ابوحنیفہ!
ہے نام نُعمان ابنِ ثابت، ابو حنیفہ ہے ان کی کنیت | پکارتا ہے یہ کہہ کے عالم، اِمامِ اعظم ابوحنیفہ! (2)

وضاحت: امام اعظم امام ابو حنيفه علم ۽ حڪمت ۾ نائبِ رسول آهن، اُمَّت

1 تاريخ بغداد،جلد:13،صفحه:331،اشکوں کی برسات،صفحه:2 ملتقطًا
2... وسائل بخشش، صفحه:573۔

جي لاءِ روشن سج آهن، انتهائي ماهر مفتي ۽ عالم دين آهن.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## امام اعظم جو حليو مبارڪ

اي عاشقانِ امام اعظم! اسان جا امام امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه، ❁ خوبصورت چهري وارا هئا ❁ قد مبارڪ وچٿرو هو ❁ پاڻ نهايت ئي عقلمند هئا، سندن چال عادتن ۽ انداز سان عقلمندي ظاهر ٿيندي هئي ❁ لباس مبارڪ صاف سٿرو رکندا هئا ❁ گهڻو ڪرم فرمائڻ وارا هئا ❁ پنهنجي مسلمان ڀائرن جي مدد فرمائيندا هئا ❁ تمام وڏا عابد ❁ زاهد (يعني دنيا کان بي رغبتي رکڻ وارا) ❁ الله پاڪ جي معرفت رکڻ وارا ❁ تمام گهڻو خوفِ خدا وارا ❁ هميشه الله پاڪ جي رضا جي تلاش ۾ رهڻ وارا هئا.[1]

## نعمان نالي جي وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي امام امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو پاڪيزه نالو نعمان آهي. علماءِ ڪرام هن نالي جون 3 معنائون ۽ ان جون حڪمتون بيان فرمايون آهن. جيئن علامہ ابن حجر هَيۡتمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: (1) نعمان رت کي چوندا آهن ۽ رت الله پاڪ جي اها نعمت آهي جنهن سان زندگي قائم آهي. اَلحَمۡدُلله! حضرت امام اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي نالي جي مطابق اهي عظيم الشان هستي آهن جو سندن بدولت سان قيامت تائين جي لاءِ علم فقہ (يعني اسلامي احڪام و مسائل جو علم) قائم آهي. (2) هڪ ڳاڙهي رنگ جي خوشبودار ٻوٽي هوندي آهي، ان کي بہ نعمان چئبو آهي.[2] اَلحَمۡدُلله! هن معنيٰ

1 تاريخ بغداد،جلد:13،صفحه:331-339 ملتقطًا۔
2 الخيرات الحسان،الفصل الرابع،صفحه:31۔

جي جهلڪ بہ امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شخصيت ۽ ڪردار ۾ پوري پوري نظر اچي ٿي. ❁ الله پاڪ جي فضل سان حضرت امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهي شخصيت آهن جو سندن علم، سندن ديني خدمتن جي پياري پياري مهڪ هاڻي تائين دنيا ۾ پکڙيل آهي. ❁ پاڻ ئي اها باڪمال هستي آهن جن قرآني آيتن ۽ حديثن مان علم جا موتي ڪڍي ڪري اُمّت کي ڏنا. ❁ قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ اهڙا اصول مقرر ڪيا جو اڄ صديون گذري ويون اڄ بہ اُمّت کي جيڪڏهن ڪو نئون مسئلو درپيش ايندو آهي تہ حضرت امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ٻڌايل اصولن جي مدد سان هن مسئلي جو حل قرآن و سُنت مان ملي ويندو آهي. ❁ ڪروڙين شافعين جا امام، پنهنجي وقت جا تمام وڏا محدث ۽ سيني ڪان وڏا عالم امام محمد شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ماڻهو فقہ (يعني قرآن و حديث جي درست سمجهہ حاصل ڪرڻ) ۾ امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا محتاج آهن.[1] (3) علامہ ابن حجر هَيْتَمِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نعمان جي ٿئين معنيٰ آهي: نعمت. اَلحَمْدُلله! امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مخلوق جي لاءِ الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهن.[2] ❁ پاڻ ڏينهن رات محنت ڪيائون، ❁ عيش و عشرت کان پري رهيا، ❁ دنياوي لذّتن کان منهن موڙي رکيو، ❁پاڻ نند قربان ڪيائون، ❁ سڄي رات ۽ سڄو ڏينهن ڪم ۾ مصروف رهندا ها، ❁پنهنجون سيئي صلاحيتون. ❁پنهنجو علم، ❁ پنهنجي عقل، ❁ پنهنجي سمجهہ اُمَّت جي راهنمائي ۽ خيرخواهي جي لاءِ لڳائيندا رهيا، ❁ پاڻ پنهنجي زندگي جو هڪ وڏو عرصو اُمَّت جي راهنمائي ۽ خيرخواهي ۾ لڳائي ڪري پنهنجي علم جي روشني اهڙي پکيڙيائون جو اڄ بہ وڏا وڏا مفتي، وڏا عالم، وڏا وڏا

1 تاريخ بغداد،جلد:13،صفحہ:645۔
2 الخيرات الحسان،الفصل الرابع،صفحہ:31۔

مفڪر، وڏا وڏا محدث. وڏا وڏا مُفَسّر سندن پڪڙيل هن روشني جي ذريعي قرآن و حديث کي سمجهندا، اُمّت جي راهنمائي ڪندا ۽ درست راهن جا مسافر رهندا آهن.

سپہرِ علم و عمل کے سورج تمہی ہو سب ہیں تمہارے تارے
تمہی سے چمکا ہے جو بھی چمکا، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ!
تمہارے آگے تمام عالم نہ کیوں کرے زانوئے ادب خَم
کہ پیشوایانِ دین نے مانا، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ! (1)

وضاحت: اي پيارا اِمام اعظم! اوهان علم و عمل جي آسمان جا سج آهيو، اُمّت جا باقي وڏا وڏا عالم اوهان کان روشني وٺڻ وارا تارا آهن، اوهان جي بعد کان وٺي اُمّت علم جي روشني اوهان ئي کان وٺي رهي آهي، اوهان اهي عظيم الشان آهيو جو اُمّت جي وڏن وڏن امامن اوهان کي امام مڃيو آهي، انهيءَ ڪري تمام جهان اوهان جو اَدب ڪري ٿو.

## هر نماز کان بعد دعا ڪيو!

علامہ خطيب تبريزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکيو آهي: ائمہِ زُهد(يعني تصوف و طريقت جا امام) فرمائن ٿا: اهلِ اسلام تي لازم آهي تہ پنهنجي نمازن کان پوءِ حضرت امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي لاءِ دعائون ڪندا رهن ڇوتہ حضرت امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهي عظيم هستي آهن جن اُمّت جي خيرخواهي ڪندي سُنّت جي ۽ علمِ فقہ جي حفاظت فرمائي آهي.[2]

---

1... ديوان سالک، صفحہ:95۔
2 الخيرات الحسان،الفصل الثالث عشر،صفحہ:46۔

# امام اعظم رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه تابعي آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا امام، امام اعظم تابعي آهن يعني سندن ❁ حضرت انس بن مالڪ ❁ حضرت عبدالله زُبيدي ❁ حضرت جابر بن عبدالله ❁ حضرت مَعقل بن يسار رَضِیَ اللّٰہ عَنۡھُم وغيره صحابہ جي زيارت بہ ڪئي آهي ۽ انهن مان ڪجهه کان حديثون بہ ٻڌيون آهن.[1] تابعي جي ڇا شان آهي؟ قرآني آيت ٻڌو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَالَّذِيۡنَ اتَّبَعُوۡهُمۡ بِاِحۡسَانٍ ۙ رَّضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَرَضُوۡا عَنۡهُ وَاَعَدَّ لَهُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِیۡ تَحۡتَهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَاۤ اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ ﴿۱۰۰﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ٻيا اهي جيڪي ڀلائي سان انهن جي پيروي ڪرڻ وارا آهن انهن سڀني کان الله راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي آهن ۽ ان انهن جي لاءِ باغ تيار ڪري رکيا آهن، جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، هميشہ هميشہ ان ۾ رهندا، اهائي وڏي ڪاميابي آهي. (پاره:11، اَلتَّوۡبَہ:100)

مشهور مفسر قرآن، مفتي احمد يارخان نعيمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه هن آيتِ ڪريمہ جو خلاصو بيان ڪندي لکن ٿا: يعني اي محبوب صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنۡھُم ۾ اڳيان مهاجرين ۽ انصار ۽ اهي ماٺهو جيڪي ڀلائي سان انهن جي پيروي ڪن (مثلاً تابعين ڪرام رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡهِم) انهن جي شان اها آهي تہ الله پاڪ انهن کان راضي ٿي چڪو ۽ اهي ماٺهو الله پاڪ کان راضي ٿي چڪا (جو الله پاڪ انهن کي غريبي، اميري، صحت، بيماري وغيره جنهن حال ۾ رکي، هُو ان کان راضي آهن، ڪڏهن ڪنهن شيءِ جي شڪايت ناهن ڪندا) الله پاڪ انهن جي لاءِ اهڙيون جنتون تيار ڪري رکيون آهن، جن جي هيٺان

---

1 تبيض الصحيفہ بمناقب ابی حنيفہ،ذکر من ادرکہ من الصحابہ،صفحہ:33ملتقطًا۔

نهرون وهن ٿيون، اهي انهن جنتن ۾ هميشه هميشه رهندا، هي نعمتون ملڻ تمام وڏي ڪاميابي آهي.[1]

سُبۡحٰنَ الله! ڇا شان آهي نيڪ صالح تابعين جي...!! اَلحَمۡدُلله! اسان جا امام امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اهڙائي آهن، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم جي خوب پيروي ڪيائون، انهن کان علم دين سکيو، انهن جي نقش سيرت تي هليا، صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم کان راهنمائي وٺي ڪري سڄي زندگي عبادت ۽ رياضت ۾ دين جي خدمت ڪندي گذاري، هميشه الله پاڪ کان راضي رهيا، ڪڏهن، ڪنهن حالت ۾ پاڻ شڪوا نه ڪيائون، رڳو رحمٰن ۽ رحيم ربّ جي رضا جا طلبگار رهيا، لهٰذا اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! الله پاڪ اوهان کان راضي آهي ۽ اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! اوهان جنتي آهيو بلڪ الله پاڪ چاهيو ته سندن صدقي اسان گنهگار به بخشجي ويندا سين.

ہو نائبِ سرورِ دو عالم، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ!
سراجِ اُمّت فقیہِ اَفخم، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ!
جو بے مثال آپ کا ہے تقویٰ، تو بے مثال ہے آپ کا فتویٰ
ہیں علم و تقویٰ کے آپ سنگم، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ! (2)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ اهم وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان هاڻي سيپاري: 11، سورت توبه جي آيت: 100 ٻڌي. هن آيتِ ڪريمه مان هڪ غلط فهمي به ٿي سگهي ٿي ته جن ماڻهن صحابه

1 تفسيرِ نعيمی،پاره:11،التوبہ،زيرِ آيت:100،جلد:11،صفحہ:28بتغير قليل

2...وسائلِ بخشش، صفحہ:573ملتقطاً۔

ڪرام رضی اللہ عنھم جي زيارت ڪئي، انهن ۾ ڪجهه وڏا بدبخت به ٿيا آهن، جيئن يزيد پليد هي صحابي رسول جو پٽ هيو، ان صحابہ ڪرام رضی اللہ عنھم جي زيارت به ڪئي آهي ته ڇا هي به هن آيتِ ڪريمہ ۾ بيان ڪيل فضائل جو حقدار ٿيندو؟ انڪري وضاحت ڪري ڇڏيان ته هر اهو شخص جنهن کي صحابہ ڪرام رضی اللہ عنھم جون صحبتون نصيب ٿيون آهن، اهو بخشل آهي، ايئن ناهي بلڪ هن آيتِ ڪريمہ ۾ الله پاڪ به شرط رکيا آهن، ارشاد فرمايو:

وَالَّذِیْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ ۙ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ٻيا اهي جيڪي ڀلائي سان ان جي پيروي ڪرڻ وارا آهن. (پاره:11،اَلتَّوْبَہ:100)

آيتِ ڪريمہ ۾ بيان ٿيل هنن لفظن جي وضاحت ڪندي مفسرينِ ڪرام فرمائن ٿا: صحابہ ڪرام رضی اللہ عنھم جي صرف پيروي ڪرڻ نجات جي لاءِ ڪافي ناهي، صرف پيروي ته مُنافق به ڪندا هئا، بلڪ انهن جي اِتّباع احسان سان ڪرجي، احسان جي معنيٰ آهي: ✿ چڱو چوڻ، ✿ چڱو سمجهڻ، ✿ چڱو مڃڻ. ✿ يعني ٻانهو وات سان صحابہ ڪرام رضی اللہ عنھم جي تعريف ڪري ✿ دل سان انهن کي چڱو سمجهي، مڃي ✿ پوءِ انهن جي اِتّباع ڪري. احسانَ حضراتِ صحابہ رضی اللہ عنھم ۾ ۽ عام مسلمانن ۾ فرق ڪري ڇڏيو ته انهن حضرات سان ربّ ڪريم مطلقاً راضي آهي جو هُو سابق ۽ اوّل آهن.. باقي رهياسين اسان ته اسان کان ربّ 2 شرطن سان راضي ٿيندو: (1) هڪ هي ته انهن کي پنهنجو متبوع يعني پيشوا مڃون ۽ (2) ٻيو هي ته صحابہ ڪرام رضی اللہ عنھم کي حق تي سمجهون، انهن کي

نيڪ، متقي پرهيزگار مجون، انهن مان عيب نہ ڪيون.

سُبْحٰنَ الله! هن مان معلوم ٿيو تہ قيامت تائين اهي ئي مسلمان حق تي آهن جيڪي حضرات صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم جا پيروڪار ۽ انهن جا ثناخوان، انهن جو ذڪرِ خير ڪرڻ وارا آهن، صرف اهي ئي جنتي آهن، ربّ ڪريم انهن کان راضي آهي.

الله! الله! جڏهن الله پاڪ حضراتِ صحابہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُم جي غلامن کان راضي آهي تہ پاڻ انهن کان ڪيترو راضي هوندو...!![1] انهيءَ ڪري تہ امير اهل سُنت لکن ٿا:

کیوں نہ ہو رُتبہ بڑا اَصحاب واَہلِ بیت کا
ہے خُدائے مصطفےٰ اَصحاب واَہلِ بیت کا
میری جھولی میں نہ کیوں ہوں دوجہاں کی نعمتیں
میں ہوں منگتا، میں گدا اَصحاب واَہلِ بیت کا
یااِلٰہی! شکریہ عطّار کو تُونے کیا
شعر گو، مدحت سرا اَصحاب واَہلِ بیت کا[2]

*_*_*_*

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیِٔ نبی! | جنّتی! جنّتی! | سب صحابیات بھی! | جنّتی! جنّتی! |
| چار یارانِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | حضرتِ صدّیق بھی! | جنّتی! جنّتی! |
| اور عُمرِ فاروق بھی! | جنّتی! جنّتی! | عُثمانِ غنی! | جنّتی! جنّتی! |
| فاطمہ اور علی! | جنّتی! جنّتی! | ہیں حسن حسین بھی! | جنّتی! جنّتی! |

1 تفسيرِ نعيمى،پاره:11،التوبہ،زيرِ آيت:100،جلد:11،صفحہ:30-31 ملتقطًا۔
2...وسائلِ فردوس،صفحہ:35-36 ملتقطًا۔

| | | | |
|---|---|---|---|
| والدَینِ نبی ! اورابوسُفیان بھی ! | جنّتی ! جنّتی ! جنّتی ! جنّتی ! | ہر زوجۂ نبی ! ہیں معاویہ بھی ! | جنّتی ! جنّتی ! جنّتی ! جنّتی ! (1) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب ! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## چارئي آئمہ برحق آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! علم فقہ (يعني ديني احڪام ۽ مسائل) جا 4 امام آهن (1) امام اعظم (2) امام مالڪ (3) امام احمد بن حنبل ۽ (4) امام شافعي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْهِم. انهن جو پاڻ ۾ ديني احڪام ۾ اختلاف ضرور آهي، باقي سيني جا عقيدا بلڪل درست هئا، سيئي سُنّي، صحيح العقيده، سچا عاشق رسول هئا، انهن سيني جي متعلق حديثن ۾ بشارتون آيون آهن، مثلاً رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هڪ زمانو ايندو، ماڻهو علم ڳولهيندا پر مديني جي عالم کان وڌيڪ علم وارو انهن کي ڪو نہ ملندو.[2] هن حديث پاڪ ۾ **عالمِ مدينہ مان مراد امام مالڪ** رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ آهن.[3]

هڪ حديث پاڪ ۾ فرمايو: قريش جو هڪ عالم زمين کي علمِ دين کان ڀري ڇڏيندو.[4] هن حديث ۾ قريش جي عالم مان مراد امام شافعي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ آهن.[5] اهڙي طرح هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪڏهن علم ثُرَيَّا (تاري) تي بہ هجي تہ فارس جا ماڻهو ان کي حاصل ڪري وٺندا.[6] محدث سڳورا فرمائن ٿا: هن حديث شريف ۾ فارسي ماڻهن مان امام اعظم امام ابو حنيفہ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ مراد

---

1...وسائلِ فردوس،صفحہ:53۔
2 ترمذی، بواب العلم،با ب ما جاءفی عالم المدینہ،صفحہ:631،حدیث:2680 بتغیر قلیل۔
3 تبیض الصحیفہ بمناقب ابی حنیفہ،ذکر تبشیر النبی صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ،صفحہ:31بتغیر قلیل
4 حلیۃ الاولیاء،جلد:6،صفحہ:322،حدیث:8787 ملتقطًا۔
5 تبیض الصحیفہ بمناقب ابی حنیفہ،ذکر تبشیر النبی صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ،صفحہ:32بتغیر قلیل
6 حلیۃ الاولیاء،جلد:6،صفحہ:64،حدیث:7801۔

آهن.[1] اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڇاته خوب فرمايو آهي:

شافعی مالک احمد امامِ حَنیف | چار باغِ امامت پہ لاکھوں سلام[2]

وضاحت: فقه جا چارئي آئمه ڪرام: (1) امام شافعي (2) عالمِ مدينه امام مالڪ (3) امام احمد بن حنبل ۽ (4) امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم امامت جي انهن چئن ئي باغن تي مهڪندڙ درود و سلام جا گل نڇاور ٿين.

## امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو علمي شان

حضرت اَزْهَر بن ڪيسان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري منهنجي قسمت جو تارو چمڪيو، مون ڪي خواب ۾ نبين جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت نصيب ٿي، شيخين ڪريمين يعني حضرت ابوبڪر ۽ عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا به گڏ هئا، مون حضرت ابوبڪر ۽ عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي خِدمت ۾ عرض ڪيو: مان رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ڪجھ پڇڻ چاهيان ٿو؟ فرمايائون: پڇو پر آواز هلڪو رکجو. جيئن ته مون اَدب سان بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: (يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ !) ابوحنيفه جي علم جي متعلق ڇا ٿا فرمايو؟ فرمايائون: هٰذَا عِلْمٌ اِنْفَتَحَ مِنْ عِلْمِ خِضْر يعني ابو حنيفه جو علم اهو آهي جيڪو حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام جي علم مان ڦٽي نڪتو آهي.[3]

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي اسان جي امام، امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو...!! حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام جو علم ڪهڙو آهي؟ هي به ٻڌي وٺو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَعَلَّمْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْمًا ﴿۶۵﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ان کي پنهنجو علمِ لَدُنّي عطا فرمايو. (پاره:15، اَلْكَهْف:65)

---

1 تبيض الصحيفه بمناقب ابی حنيفه،ذکر تبشير النبی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به،صفحه:32بتغير قليل۔

2...حدائق بخشش، صفحه:314۔

3 الخيرات الحسان،الفصل السادس و الثلاثون،صفحه:96 ملتقطًا۔

خبر پئي، حضرت خضر عَلَيۡهِ السَّلَام جو علم، علمِ لَدُنّي (يعني الله پاڪ جي طرفان عطا ڪيل خاص علم) آهي، چوته امام اعظم، امام ابوحنيفه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي به انهي علم مان حصو مليو آهي، تنهنڪري سندن علم به علم لدنّي ئي آهي.

سراج تو ہے بغیر تیرے جو کوئی سمجھے حدیث و قرآں
پھرے بھٹکتا نہ پائے رستہ امامِ اعظم ابو حنیفہ [(1)]

وضاحت: الله پاڪ جي بارگاهه مان ڪين اهڙو علم مليو آهي جنهن جي بدولت پاڻ آسمانِ علم جا چمڪندڙ سج آهن، سندن روشني جي بغير جيڪو به قرآن و حديث سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو اهو ڀٽڪي ويندو ۽ اهڙو ڀٽڪندو جو ان کي رستو به نه ملندو.

## ابو حنيفه ڪيترو چڱو انسان آهي...!!

حضرت مُسَدَّد بن عبدالرحمٰن رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان ماڻهن ۾ سيني کان وڌيڪ امام ابوحنيفه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي برو سمجهندو هيس، هڪ ڀيرو مون تي ڪرم ٿيو، منهنجي خواب ۾ محبوبِ رحمٰن، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف وٺي آيا، مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڪوفه جو هڪ شخص جنهن کي نعمان بن ثابت چون ٿا، ان جي متعلق ڇا حڪم آهي؟ مان ان کان علم سکان؟ فرمايائون: ان کان علم به سکو ۽ ان جي اعمال(سيرت و ڪردار) جي پيروي به ڪيو! وڌيڪ فرمايائو: فَنِعۡمَ الرَّجُلُ هُوَ يعني ابوحنيفه ڪيترو چڱو انسان آهي...!! حضرت مُسَدَّد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: منهنجي اڪ ڳلي ته مون امام اعظم رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه کي برو سمجهڻ کان توبه ڪري ورتي.[2]

---

1...ديوان سالک، صفحه:96۔

2 الخيرات الحسان،الفصل السادس و الثلاثون،صفحه:97 ملتقطًا۔

## امامِ اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جون ڪجھ مبارڪ عادتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو! اسان جي پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت مُسَدّد رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي خواب ۾ تشريف آڻي ڪري فرمايائون: ابو حنيفہ کان علم بہ سکو ۽ انهن جي سيرت، انهن جي ڪردار ۽ انهن جي عادتن ۾ انهن جي پيروي بہ ڪيو، ڇو جو ابو حنيفہ نهايت سٺا انسان آهن. اچو! اسان امامِ اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي ڪجھ پاڪيزہ عادتن ۽ پياري پياري سيرت جي متعلق ڪجھ ڳالهيون ٻڌون ٿا ۽ هن نيّت سان ٻڌون ٿا تہ اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیۡم! انهن ڳالهين کي اپنائي ڪري سٺو انسان بڻجڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

## امامِ اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جون پاڪيزہ عادتون

امامِ اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جا خاص شاگرد امام ابو يوسف رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: (1): امامِ اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ حرام ڪمن کان هميشہ بچندا هئا (2): علمِ دين کان علاوہ گفتگو ڪرڻ کان ڊڄندا هئا (3): تمام گهڻو مجاهدو (يعني نيڪ ڪمن ۾ تمام گهڻي ڪوشش) فرمائيندا هئا (4): دنيا وارن جي سندن سامهون تعريف نہ ڪندا هئا (5): اڪثر خاموش رهندا هئا (6): ديني مسئلن ۾غور و فڪر ڪندا رهندا هئا (7): نهايت ئي سادي ۽ نرم طبيعت جا مالڪ هئا (8): پاڻ کان ڪو سوال ڪندو هو تہ قرآن و حديث مان ان جو جواب تلاش ڪندا هئا (9): طبيعت مبارڪ ۾ لالچ نہ هئي (10): ۽ ڪنهن جو بہ ذڪر ٿيندو هو تہ ڀلائي کان علاوہ ڪجھ نہ فرمائيندا هئا.[1]

## غيبت کان دور(پري) رهندا هئا

امامِ اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو هڪ پاڪيزہ وصف هي بہ هو تہ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪڏهن ڪنهن جي غيبت نہ ڪندا هئا، ايستائين جو پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪڏهن ڪنهن دشمن جي بہ غيبت نہ ڪئي. هڪ ڀيري حضرت عبدُ اللّٰہ بن مبارڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ حضرت

1... الخيرات الحسان،الفصل الرابع و العشرون،صفحہ:82 ملتقطًا۔

سُفيان ثوري رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه کي چيو: امام ابو حنيفہ رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه غيبت کان ڪيترو بچندا آهن...!! مون ٻڌو آهي، پاڻ رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه دشمن جي بہ غيبت ناهن ڪندا. حضرت سُفيان ثوري رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه چيو: خُدا جو قسم! امامِ اعظم رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه نهايت عقلمند هئا، سو پاڻ ڪيئن گوارا ڪري سگهيا پئي تہ پنهنجون قيمتي نيڪيون غيبت جي ذريعي ضايع ڪري ڇڏين.[1]

سُبْحٰنَ الله! **پيارا اسلامي ڀائرو!** ڪيڏو پيارو ڪردار آهي...!! ٿورو تصور ڪيو! امامِ اعظم رَحمَۃُ اللهِ عَلَيه ڪڏهن بہ پنهنجي دشمن جي غيبت نہ ڪئي، الله اڪبر! ڪيڏي عظيم تقويٰ آهي. هاڻي غور فرمايو! پاڻ غيبت چو نہ ڪندا هئا؟ ڇو جو پاڻ عقلمند هئا، پاڻ ڄاڻيندا هئا تہ نيڪي ڪرڻ آسان ڪم ناهي، نيڪي ڪرڻ جي لاءِ نفس ۽ شيطان کي دٻائڻو پوندو آهي، خواهشن کي ڇڏڻو پوندو آهي، ننڊ قربان ڪرڻي پوندي آهي، ايڏي مشڪل سان ڪمايل نيڪي ماڻهو غيبت وارن ڪجھ جُملن جي بدلي ضايع ڪري ڇڏي، هي ڪٿان جي عقلمندي آهي، ان ڪري پاڻ غيبت کان بچندا رهندا هئا.

هاءِ! اڄڪلھ ماحول نهايت خراب آهي، اسان جي معاشري ۾ تہ جيڪو گهڻي غيبت ڪرڻ وارو هجي، ان کي گهڻو هوشيار سمجهيو ويندو آهي ❁ جيڪو دڪان تي ويهي تہ غيبت ❁ گهر ۾ ويهي تہ غيبت ❁ دوستن ۾ ويهي تہ غيبت ❁ افسوس! اڄڪلھ تہ اهڙو ماحول آهي جو ماڻهو پنهنجي والدين جي غيبت ڪرڻ کان بہ بلڪل ناهن شرمائيندا، ڳالهائيندا آهن تہ بَس ڳالهائيندا ئي رهندا آهن ❁ ڪڏهن پينرُن ڀائرن جي غيبت ❁ ڪڏهن دوستن جي غيبت ❁ ڪڏهن پاڙيوارن جي غيبت ❁ ڪڏهن گڏ ڪم ڪار ڪرڻ وارن جي غيبت ❁ اهڙيون چغليون هڻندا آهن ❁ ٻين تي بهتان هڻندا آهن ۽ مزي سان انهن جون ڳالهيون ٻڌڻ وارا ❁ انهن جي گناهن ۾ برابر جا شريڪ بڻجڻ وارا، انهن جون هي گناهن ڀريون ڳالهيون ٻڌي ڪري سمجهي رهيا هوندا آهن: واهہ!

1 ... تبيض الصحيفہ بمناقب ابی حنيفہ،ذکر نبذ من اخبارہ و مناقبہ،صفحہ:110۔

ڪيڏو هوشيار چالاڪ ۽ مزاج سڃاڻ وارو ماڻهو آهي، ماڻهن جي رڳ رڳ کان واقف آهي...!!

افسوس! ماڻهن جي رڳ رڳ کان واقف آهي يا نہ، البت اهڙو شخص شيطاني چالن کان هرگز واقف ناهي، جيڪڏهن نفس ۽ شيطان جي تباه ڪارين کي ڄاڻيندو هجي ها تہ هيئن غيبتن، چغلين ۽ بهتانن جي بازار هرگز گرم نہ ڪري ها. يقيناً اصل ۾ عقلمند، اصل ۾ هوشيار چالاڪ اهو ئي آهي جيڪو نفس ۽ شيطان کي هارائي ڪري گناهن کان بچي ويندو آهي.

## غيبت بابت 2 حديثون

**پيارا اسلامي ڀائرو!** يقين ڪيو! غيبت، چغلي، الزام هڻڻ، ڪوڙ وغيره هي نهايت ئي تباه ۽ برباد ڪري ڇڏڻ وارا گناه آهن، اسان کي هنن کان هر گهڙي بچندو رهڻ گهرجي **(1):** اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: 4 طرح جا جهنّمي جيڪي حَمِيم ۽ جَحِيم(يعني ٽهڪندڙ پاڻي ۽ باھ) جي درميان ڀڄندي ڦرندي وَيل وثُبُور (يعني هلاڪت) گهرندا هوندا. انهن مان هڪ شخص اهو هوندو جيڪو پنهنجو گوشت ڪائيندو هوندو. جهنّمي چوندا: هن بدبخت کي ڇا ٿيو جو اسان جي تڪليف ۾ اضافو ڪري رهيو آهي؟ چيو ويندو: هي بدبخت ماڻهن جو گوشت ڪائيندو (يعني غيبت ڪندو) ۽ چغلي هڻندو هو.[1] **(2):** هڪ حديث شريف ۾ آهي: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مان معراج واري رات اهڙي قوم وٽان گذريس جيڪي پنهنجي چهرن ۽ سينن کي ٽامي جي ننهن سان رهڙي رهيا هئا. مون پڇيو: اي جبريلَ!هي ماڻهو ڪير آهن؟ چيائين: هي ماڻهن جو گوشت ڪائيندا (يعني غيبت ڪندا) ۽ انهن جي عزّت خراب ڪندا هئا.[2]

غيبت جي تفصيلي معلومات جي لاءِ اَميرِ اهلسنّت، مولانا الياس عطّار قادِري

1 ... موسوعہ امام ابن ابی الدنیا، ذَمِّ الْغِیبَۃ والنمیہ، باب الغیبۃ وذمہا، جلد:4، صفحہ:353، حدیث:49 ملتقطاً۔
2...ابوداؤد، کتاب الادب، باب فی الغیبۃ، صفحہ:765، حدیث:4878۔

دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جو ڪتاب غيبت جون تباھ ڪاريون جو مطالعو ڪيو، درس ڏيو. هي ڪتاب مڪتبةُ المدينہ تان قيمت ڏئي خريد ڪيو يا وري ***Islamic eBooks Library*** تان فري ۾ ڊائون لوڊ ڪري وٺو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 10 هزار مون معاف ڪيا

**پيارا اسلامي ڀائرو!** امامِ اعظم ابو حنيفہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ نهايت سخي هئا. سندن عادت مبارڪ هئي تہ ❁ جيترو مال پنهنجي ٻارن ٻچن تي خرچ ڪندا هئا، اوترو ئي صدقو ڪندا هئا ❁ جڏهن ڪو نئون ڪپڙو پائيندا هئا تہ اوتري قيمت جو ڪپڙو عالمن کي بہ خريد ڪري ڏيندا هئا ❁ جڏهن سندن سامهون کاڌو رکيو ويندو هو تہ جيترو پاڻ کائيندا هئا، اوترو ئي کاڌو غريبن کي بہ کارائيندا هئا.[1]

هڪ ڀيري پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کان ڪنهن 10 هزار (درهم يا دينار يعني سون يا چاندي جا سڪا) قرض ورتا، شايد ويچارو غريب هو، واپس موٽائي نہ سگهيو، واعدي جي مُدت گذري وئي. هڪ ڏينهن هيئن ٿيو جو امام اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪيڏانهن تشريف وٺي وڃي رهيا هئا، سامهون اهو ئي شخص ايندي نظر آيو. جيئن ئي ان پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي ڏٺو تہ ڊڄي ڪري رستو مٽائي ويو. هاڻي جنهن گهٽيءَ ۾ اهو داخل ٿيو هو، اها بند ٿي پاسي کان بند هئي. امام اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ بہ پنيان تشريف وٺي ويا ۽ پڇيائون: مون کي ڏسي ڊڄين ڇو وئين؟ عرض ڪيائين: مون کي اوهان جو قرض ادا ڪرڻو آهي، واعدي جو وقت گذري چڪو آهي، مون کي ڏِٻُ هو تہ اوهان قرض گهرندا، مان هاڻي قرض ڏئي نٿو سگهان، ان ڪري مان ڊڄي ڪري رستو مٽائي ڇڏيو. هي ٻڌي ڪري سخي امام، امامِ اعظم ابوحنيفہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمايو: ڀلا 10 هزار بہ ڪا اهڙي شيءِ آهي جو ان جي ڪري ڪنهن

---

1 ... تاريخ بغداد،جلد:13،صفحہ:356 ملتقطًا۔

مسلمان جي دل پريشان ڪئي وڃي، وڃو! مون اوهان کي 10 هزار معاف ڪيا.[1]

ہے دھوم چاروں طرف سخا کی بھری ہے جھولی ہر اِک گدا کی
عطا ہو مجھ کو بھی طیبہ کا غم، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ![2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## تنگ دست (غريب) کي مهلت ڏيڻ جا فضائل

**پيارا اسلامي ڀائرو!** توهان امامِ اعظم ابو حنيفه رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه جي سخاوت ۽ حسنِ سُلوڪ مُلاحظ ڪيو جو پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه هڪ ته اهو حسنِ سُلوڪ ڪيو جو ان کي قرض ڏنو ۽ جڏهن اهو مقروض قرض جي ادائيگي نه ڪري سگهيو، پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه جي سامهون اچڻ کان به گهبرائڻ لڳو ته پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه پنهنجو تمام مال جيڪو قرض جي طور ڏنو هو، معاف فرمائي ڇڏيو يقيناً هي تمام وڏي قرباني آهي، ان جو اجر ۽ ثواب به تمام گهڻو آهي حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن تنگدست کي مهلت ڏني يا ان جي قرض ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏي الله پاڪ ان کي جهنّم جي تپش کان بچائيندو.[3]

هڪ ٻي روايت ۾ هن طرح آهي ته حضور سيد عالم صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هي ارشاد فرمائيندي مسجد ۾ داخل ٿيا: توهان مان ڪنهن کي هي ڳالهه پسند آهي ته الله پاڪ ان کي جهنّم جي گرمي کان بچائي؟ اسان عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اسان مان هر هڪ هي پسند ڪري ٿو ته الله پاڪ ان کي جهنّم جي گرمي کان بچائي. ته پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جيڪو تنگدست کي مهلت ڏي يا ان جو قرض معاف ڪري ڇڏي الله پاڪ ان کي جهنّم جي گرمي کان محفوظ فرمائيندو.[4] هڪ ٻي روايت ۾ فرمايائون: جيڪو پنهنجي

---

1 ... الخیرات الحسان، الفصل السابع عشر، صفحہ:57 ماخوذاً۔
2 ... وسائلِ بخشش، صفحہ:573۔
3 مسند امام احمد، جلد:2، صفحہ:332، حدیث:3071 ملتقطاً۔
4 موسوعہ ابن ابی الدنیا، اصطناع المعروف، الباب الثامن الرافۃ فی المعسر، جلد:8، صفحہ:542، حدیث:10۔

مقروض جي پريشاني دور ڪري يا ان جو قرض معاف ڪري ڇڏي اهو قيامت جي ڏينهن عرش جي ڇانوَ ۾ هوندو.[1]

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: قيامت جي ڏينهن اللّٰه پاڪ جي عرش جي سايي ۾ جڳهه ماڻڻ وارو سڀ کان پهريون شخص اهو هوندو جيڪو تنگدست کي ايتري مهلت ڏي جو اهو قرض لاهڻ جي قابل ٿي وڃي يا پنهنجو گهربل قرض ان تي صدقو ڪري ڇڏي ڇڏي: منهنجو توتي جيترو قرض آهي اهو اللّٰه پاڪ جي رضا جي لاءِ صدقو آهي ۽ قرض جي رسيد ڦاڙي ڇڏي.[2]

سُبْحٰنَ الله! اللّٰه پاڪ اسان کي اهڙي توفيق عطا فرمائي! جيڪڏهن اسان دل ۾ خيرخواهي پيدا ڪيون ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جي ڪيئي ڀلائين جا حقدار ٿي ويندا سين.

مِلا ہے زَر تو غریبوں کے کام بھی آؤ! | نہ جس سے خِدمتِ مخلوق ہو وہ دولت کیا ہے؟

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دشمن جي لاءِ دعا فرمائي

هڪ ڀيري ڪنهن حاسِد امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي تمام بُرو ڀلو چيو، ۽ بيهوده گاريون ڏنيون ۽ گمراهه بلڪ معاذَ الله! زنديق تائين چئي ڇڏيو. امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جواب ۾ ارشاد فرمايو: اللّٰه پاڪ اوهان کي معاف فرمائي، اللّٰه پاڪ ڄاڻي ٿو ته اوهان جيڪو ڪجهه منهنجي باري ۾ چئي رهيا آهيو مان اهڙو ناهيان. ايترو فرمائڻ کان بعد سندن دل ڀرجي آئي ۽ اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا ۽ فرمائڻ لڳا: مان اللّٰه پاڪ کان اميد ڪريان ٿو ته هو مون کي معافي عطا فرمائيندو. هاءِ! مون کي عذاب جو خوف روئاري رهيو آهي. عذاب جو تصور

1... ترمذی،کتاب البیوع،باب ما جاء فی انظارالمعسر و الرفق بہ،صفحہ:338،حدیث:1306بتغیر قلیل۔
2 ... معجمِ کبیر،جلد:8،صفحہ:185،حدیث:15708۔

ايندي ئي روئڻ وڏي ويو ۽ روئيندي روئيندي بيهوش ٿي ڪري زمين تي تشريف وٺي آيا. جڏهن هوش آيو تہ دعا گُهري: اي الله پاڪ! جنهن منهنجي بُرائي بيان ڪئي ان کي معاف فرمائي ڇڏ.[1]

نہ جیتے جی مجھ پہ آئے آفت، میں قبر میں بھی رہوں سلامت
بروزِ محشر بھی رکھنا بے غم، اِمامِ اعظم ابو حنیفہ![2]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان امامِ اعظم جو حسنِ سلوڪ جو بُرو ڀلو چوڻ ۽ بيهودا گاريون ڏيڻ واري سان بہ حسنِ سلوڪ جو مظاهرو ڪيو. اي ڪاش! اسان بہ پنهنجي امام جي نقشِ قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪيون ۽ جيڪو اسان کي بُرو ڀلو چئي ان کي معاف ڪري ڇڏيندا ڪريون.

## حسنِ سلوڪ جا فضائل

(1): حديثِ پاڪ ۾ آهي: ويجهن رشتيدارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ مال کي وڌائيندو آهي، هڪٻئي جي محبت ۾ اضافو ڪندو ۽ عُمر وڌي ٿيڻ جو ذريعو آهي.[3] (2): هڪ روايت ۾ آهي: ماڻهن سان نيڪي ڪرڻ بُري موت ۽ آفتن کان بچائيندو آهي. بيشڪ دنيا ۾ نيڪ سلوڪ ڪرڻ وارن سان ئي آخرت ۾ نيڪ سلوڪ ڪيو ويندو.[4]

یاالٰہی! رشتے داروں سے کروں حُسنِ سُلوک
قَطعِ رِحمی سے بچوں اِس میں کروں نہ بھول چُوک

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

1 ... الخيرات الحسان،الفصل السادس عشر،صفحہ:55۔
2 ... وسائلِ بخشش،صفحہ:574۔
3 معجمِ اوسط،جلد:6،صفحہ:11،صفحہ:7810۔
4...مستدرڪ،ڪتاب العلم،المعروف الى الناس...الخ،جلد:1،صفحہ:330،حديث:437۔

# سجي سجي رات عبادت

علامہ ابنِ حجر هَيتَمي شافِعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: امامِ اعظم ابو حنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو سڄي رات عبادت ڪرڻ ۽ تهجد پڙهڻ تَواتُر کان ثابت آهي ۽ اها ئي وجهہ آهي جو ڪثرتِ قيام جي وجهہ سان سندن کي اَلْوَتَد يعني ميخ (ڪِلو) چيو ويندو هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 30 سال تائين هڪ رڪعت ۾ مڪمل قرآن پڙهندا رهيا ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 40 سال تائين عشا جي وضو سان فجر جي نماز پڙهي[1] هڪ ڀيري حضرت عبدُ الله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سامهون ڪنهن شخص امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي غيبت ڪئي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: توتي افسوس آهي جو تون هڪ اهڙي شخص جي غيبت ڪري رهيو آهين جنهن 45 سال تائين هڪ وضو سان پنج وقت نماز پڙهي ۽ هڪ رڪعت ۾ قرآنِ پاڪ ختم فرمائيندا هئا ۽ جيڪو بہ مون کي فقہ جو علم آهي، اهو سڀ مون انهن کان حاصل ڪيو آهي.[2] پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڄي رات هڪ ئي رڪعت ۾ قرآن شريف پڙهندا هئا ۽ خوفِ خُدا کان ايتري قدر روئيندا هئا جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پاڙيوارن کي پاڻ تي رحم اچڻ لڳندو هو.[3]

# شعبانُ المعظم جون ڪجهہ عبادتون

الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان عبادت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. الحمد لله! شعبانُ المعظم تشريف آڻي چڪو آهي ۽ اسان ان جي بابرڪت گهڙين ۾ ساهہ کڻڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهيون. شعبانُ المُعظم نهايت عظمت وارو مهينو آهي، هن ۾ خير ۽ برڪت جي برسات ٿيندي آهي. طيب ۽ طاهر نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: شَعْبَانُ الْمُطَهِّرُ وَرَمَضَانُ الْمُكَفِّرُ شعبان پاڪ

---

1... الخيرات الحسان،الفصل الرابع عشر،صفحہ:50ملتقطًا۔

2...الخيرات الحسان،الفصل الرابع عشر،صفحہ:50۔

3...الخيرات الحسان،الفصل الرابع عشر،صفحہ:50۔

ڪرڻ وارو آهي ۽ رمضان ڪفارو آهي.[1]

هن مبارڪ مهيني ۾ عبادت جي ڀرپور ڪوشش فرمايو. شعبانُ المعظم جون چار نهايت اهم عبادتون آهن، گهٽ نہ تہ اسان گهٽ ۾ گهٽ هنن چئن عبادتن جو ئي معمول بڻائي وٺون،اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون.

## (1): درود جي ڪثرت

پيارا اسلامي ڀائرو! شعبانُ المعظم پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مهينو آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: شَهْرُ رَمَضَانَ شَهْرُ اللهِ وَ شَهْرُ شَعْبَانَ شَهْرِی رمضان الله جو مهينو آهي ۽ شعبان منهنجو مهينو آهي.[2] جو جو هي آقا جو مهينو آهي، ان ڪري درودِ پاڪ جي خاص طور تي ڪثرت ڪرڻ گهرجي. سرڪارِ غوثِ پاڪ، شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هو شَهْرُ الصَّلَاةِ عَلَى النَّبِیّ يعني شعبان نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهڻ جو مهينو آهي.[3]

تنهنڪري هن مهيني ۾ درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪريو! حديثِ پاڪ ۾ آهي: هڪ ڀيرو دُرود شريف پڙهڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿينديون آهن ان جا 10 درجات بُلند ٿيندا آهن ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکيون وينديون آهن ان جا 10 گناهہ متايا ويندا آهن.[4]

فضول گوئی کی نکلے عادت، ہو دور بے جا ہنسی کی خَصلت
دُرُود پڑھتا رہوں میں ہر دم، امامِ اعظم ابو حنیفہ!(5)

---

1...جامع صغير، صفحہ:301، حديث:4903۔
2...جامع صغير، صفحہ:301، حديث:4903۔
3...غنية طالبى، مجلس فى فضل شہر شعبان، جلد:1، صفحہ:342۔
4...ترمذی، كتاب الوتر، باب فی فضل الصلاة على النبى، صفحہ:144، حديث:484۔
5 ...وسائلِ بخشش، صفحہ:574۔

## (2): تلاوت ڪرڻ

اهڙيءَ طرح قرآنِ پاڪ جي تلاوت بہ شعبانُ المعظم جي اهم عبادت آهي بلڪ روايتن ۾ شعبانُ المعظم جو نالو ئي ”شَهْرُ الْقُرْآن“ (يعني تلاوتِ قرآن جو مهينو) رکيو ويو آهي، هڪ روايت ۾ آهي: شعبانُ المعظم الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: اي ربَّ تو مون کي 2 عظمتن وارن مهينن (رجب ۽ رمضان) جي وچ ۾ رکيو آهي، منهنجي لاءِ ڇا آهي؟ فرمايو: مون تو ۾ تلاوتِ قرآن رکي ڇڏي آهي.[1] ❁ روايت ۾ آهي: صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْہم جو معمول هو جيئن ئي شعبانُ المعظم جي آمد ٿيندي هئي پوري توجهہ سان تلاوتِ قرآن ۾ مصروف ٿي ويندا هئا.[2] جو جو شعبان جو مهينو شَهْرُ الْقُرْآن (يعني تلاوتِ قرآن جو مهينو) بہ آهي.

ڪاش! اسان کي بہ توفيق ملي، اسان بہ هن مبارڪ مهيني ۾ ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

دے شوقِ تلاوت دے ذَوقِ عبادت
رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی! (3)

## (3): نفلي روزا

شعبانُ المعظم جي ٽئين اهم عبادت نفلي روزو آهي. پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ رمضانُ المبارڪ کان بعد سيني کان وڌيڪ شعبانُ المعظم ۾ روزا رکڻ پسند فرمائيندا هئا. مسلمانن جي پياري امڙ حضرت عائشہ

1 ...لطائفِ مَعَارِف، صفحہ:186-
2 ...لطائفِ مَعَارِف، صفحہ:186-
3...وسائلِ بخشش، صفحہ:102-

صديقہ رضی اللہ عنہا فرمائن ٿيون: الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي مون شعبان کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ روزا رکندي نہ ڏٺو، پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سواءِ ڪجھ ڏينهن جي پوري مهيني جا روزا رکندا هئا.[1] هڪ ڀيري پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ سوال ٿيو: رمضان کان بعد ڪهڙا روزا افضل آهن؟ فرمايائون: رمضان جي تعظيم جي لاءِ شعبان جا روزا رکڻ.[2]

## نفل روزن جا مختصر فضائل

**پيارا اسلامي ڀائرو!** مبارڪ حديثن ۾ نفل روزن جا ڪيئي فضائل بيان ٿيا آهن. ٽي روايتون بيان ڪريان ٿو: **(1):** جنهن ثواب جي اميد رکندي هڪ نفل روزو رکيو الله پاڪ ان کي دوزخ کان چاليهہ سال (جو فاصلو) دور فرمائي ڇڏيندو.[3] **(2):** جيڪڏهن ڪنهن هڪ ڏينهن نفل روزو رکيو ۽ زمين جيترو ان کي سون ڏنو وڃي تڏهن بہ ان جو ثواب پورو نہ ٿيندو ان جو ثواب تہ قيامت جي ڏينهن ئي ملندو[4] **(3):** جڏهن ڪنهن هڪ ڏينهن نفل روزو رکيو الله پاڪ ان کي جهنّم کان ايترو پري ڪري ڇڏيندو جيترو زمين ۽ آسمان جو درمياني فاصلو آهي.[5]

## (4) استغفار جي ڪثرت

چوٿين اهم عبادت جيڪا شعبان ۾ ڪرڻ گهرجي اها توبهہ ۽ استغفار آهي، ان جي حڪمت هي آهي تہ شعبان جو مهينو جيترو عظمت وارو آهي، تمام گهڻو نازڪ بہ آهي، حديثِ پاڪ ۾ آهي: هي اهو مهينو آهي جنهن کان ماڻهو غافل آهن حالانڪ هن مهيني ۾ ماڻهن جا اعمال ربُّ العالمين جي بارگاهہ ۾

---

1...ترمذی، کتاب:الصوم، باب:ماجاء فی وصال شعبان برمضان، صفحہ:206، حدیث:736۔

2 ...ترمذی، کتاب: زکوٰۃ، باب: فضیلتِ صدقہ، صفحہ:189، حدیث:663۔

3...کنز العمال، جز:8، جلد:8، صفحہ:255، حدیث:24148۔

4...مسند ابی یعلی، مسند ابو ہریرہ، جلد:4، صفحہ:459، حدیث:6123۔

5...معجم کبیر، جلد:7، صفحہ:49، حدیث:13742۔

پيش ڪيا ويندا آهن.[1] ۞ هن مهيني ۾ ملڪُ الموت عَلَيْهِ السَّلَام کي انهن سيني جي فهرست ڏني ويندي آهي، جن جو ايندڙ سال روح قبض ڪيو ويندو.[2] ۞ هن مبارڪ مهيني جي 15 هين رات الله پاڪ بَنُو ڪَلْب جي ٻڪرين جي وارن جي برابر ماڻهن جي مغفرت فرمائي ڪري انهن کي جهنّم کان آزاد فرمائي ڇڏيندو آهي.[3]

الله پاڪ هن مبارڪ مهيني ۾ اسان کي وڌ کان وڌ استغفار ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

بَرَاءَت دے عذابِ قبر سے نارِ جہنم سے | مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولیٰ (4)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: درس

**پيارا اسلامي ڀائرو!** الحمد لله! اڄ هن پُرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ امّت کي نيڪ نمازي بڻائڻ جي ڪوشش ۾ مصروفِ عمل آهي، اوهان به دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ جوش ۽ جذبي سان حصو وٺندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم درس به آهي، درس ڏيڻ يا ٻڌڻ نيڪ اعمال (رسالي) مان هڪ نيڪ عمل به آهي اوهان به هن ۾ شرڪت

---

1 ...مسندِ اَحْمَد، جلد:36، صفحه:85، حديث:21753.

2...جامع صغير، صفحه:369، حديث:5964.

3...الترغيب والترهيب، ڪتاب الصوم، باب الترغيب فی صوم شعبان، صفحه:351، حديث:11.

4 ...وسائلِ بخشش، صفحه:98.

ڪندا ڪريو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ❁ علمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو ❁ اوتري دير مسجد ۾ ويهڻ جو ثواب ملندو ❁ نيڪ صحبت ۾ ويهڻ نصيب ٿيندو ❁ گهران ئي درس ۾ شرڪت جي نيّت ڪري هلنداسين تہ علمِ دين جي راهہ ۾ هلڻ جو ثواب ملندو ❁ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! مخلوق ايستائين جو دريا جون مَڇون بہ دعا ڪنديون.

## هوٽل جي زينت بڻجڻ وارو نوجوان

حيدرآباد، سنڌ جو مقيم هڪ اسلامي ڀاءَ پنهنجو واقعو هيئن بيان ڪري ٿو: مان گناهن ۾ايتري قدر ڦاٿل هيس جو مون کي پنهنجي زندگي جي قيمتي گهڙين جي برباد ٿيڻ جو بلڪل احساس نہ هو، معمول مطابق ان ڏينهن بہ مان هوٽل ۾ موجود هيس ۽ ٽي وي تي هلڻ واري فلمي منظرن ۾ گم هيس تہ ايتري ۾ سنتن ڀريو لباس پاتل هڪ اسلامي ڀاءُ منهنجي ويجهو آيو ۽ گرم جوشي سان مصافحو ڪرڻ کان بعد چوڻ لڳو: پيارا ڀاءَ ٻاهر چوڪ درس ٿي رهيو آهي. اوهان ڪجهہ منٽ عطا فرمايو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ نيڪين جو خزانو هٿ ايندو. مان ان جي خوش اخلاقي ۽ ملنساري سان متاثر ٿي ڪري هٿون هٿ ان سان گڏ هلي پيس. هوٽل جي ٻاهر هڪ اسلامي ڀاءُ فيضان سُنت مان درس ڏئي رهيو هو، ٻين اسلامي ڀائرن جيان مان بہ درس ٻڌڻ ۾ مصروف ٿي ويس، درس ٻُڌي ڪري منهنجي دل ۾ خوفِ خدا پيدا ٿيو ۽ مون سچي دل سان توبہ ڪئي ۽ اسلامي ڀائرن جي صحبت اختيار ڪئي، جنهن جي بدولت ڪڏهن سُنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت، تہ ڪڏهن مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر نصيب ٿيڻ لڳو. آهستہ آهستہ مان ديني ماحول جي ويجهو ٿيندو ويس، آخرڪار هوٽلن جي زِينَت بڻجڻ وارو نوجوان درس جي برڪت

سان اڄ اَلحَمۡدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول سان گڏجي مسجد ۾ رات گذارڻ وارو بڻجي ويو.[1]

| | |
|---|---|
| عطائے حبیبِ خدا مدنی ماحول | ہے فَیضانِ غوث و رضا مدنی ماحول |
| سَنور جائے گی آخرت ان شاء اللہ | تم اپنائے رکھوّ سدا مدنی ماحول[2] |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

نوٽ: هاڻي مدني ماحول جي بدران ديني ماحول اصطلاح آهي.

## فيضانِ حديث (Faizan e Hadees) موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي به مختلف انداز سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، ان سلسلي ۾ الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان تمام پياري، نرالي ۽ نهايت فائدي مند موبائل ايپليڪيشن بنام "فيضانِ حديث" Play Store ۽ App Store تي پيش ڪئي وئي آهي. هن ايپليڪيشن ۾ حديثِ پاڪ جا مشهور ڪتابَ مثلاً ✿ مِشۡكٰوةُ الۡمَصَابِيۡح ۽ ان جي آسان اردو شرح مِراۃُ الۡمَنَاجِيۡح ✿ الۡأَربَعِيۡن النّووِيَّة اردو ترجمو ۽ تشريح سان گڏ ✿ رِياضُ الصَّالِحِين اردو ترجمو ۽ تشريح سان گڏ ✿ أَربَعِيۡن حَنَفِيَّه (اردو) ✿ ۽ مُنۡتَخَب اَحَادِيث (اردو) شامل ڪيا ويا آهن ✿ هن ايپليڪيشن جي مدد سان توهان مبارڪ حديثن کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) به پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي گهرج جي موضوع جو مطالعو به ڪري سگهو ٿا ✿ سرچ

1...میں نے ویڈیو سینٹر کیوں بند کیا، صفحہ:12 ملخصًا۔

2...وسائلِ بخشش، صفحہ:646 ملتقطاً۔

آپشن بہ موجود آهي، جنهن جي مدد سان توهان مڪمل ڪتاب ۾ يا هڪ حديث ۾ مختلف الفاظ ۽ مڪمل جملو بہ سرچ ڪري سگهو ٿا ❁ سرچ آپشن جي مدد سان مڪمل ڪتاب يا هڪ حديث ۾ مختلف لفظن ۽ مڪمل جملي ۽ حديثِ پاڪ جا عربي الفاظ، ان جا ترجما ۽ شرح ۾ الگ الگ بہ سرچ ڪري سگهجي ٿو ❁ حديثِ پاڪ جو عربي متن اعراب سان گڏ ۽ بنا اعراب جي، ٻنهي طرح ڏسڻ جي سهولت رکي وئي آهي ❁ مطالعي جا نوٽس محفوظ ڪرڻ جي لاءِ پسنديده حديثن کي **Favorite** ڪرڻ جو آپشن بہ ڏنو ويو آهي ❁ مختلف فائونٽس ۽ حديثون شيئرنگ جي سهولت بہ ڏني وئي آهي. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هي ايپليڪيشن ڊائون لوڊ ڪيو! پاڻ بہ حديثِ پاڪ جو فيضان لُٽيو!۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڏندڻ ڪرڻ جون سنّتون ۽ آداب

2 فرامينِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): بہ رڪعتون ڏندڻ ڏئي

1...تاريخِ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

ڪري پڑهڻ بنا مسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهي [1] **(2)** ڏندڻ جو استعمال پنهنجي لاءِ لازم ڪريو ڇو تہ هن ۾ وات جي صفائي ۽ ربّ جي رضا جو سبب آهي. [2]

**اي عاشقانِ رسول!** حضور نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هر رات جو ڪيئي ڀيرا ڏندڻ ڪندا هئا، هر ڀيري سمهڻ وقت بہ ۽ جاڳڻ وقت بہ ❁ بنا سني نيّتن جي ڏندڻ جا طبي فائده (***Physical Benefits***) حاصل تہ ٿيندا پر ثواب نہ ملندو. مثال طور وُضو جي لاءِ ڏندڻ ڪرڻو هجي تہ هيئن ٿي نيّتون ڪري وٺو: رضاءِ الاهي، سنّت جي ادائگي ۽ ذڪر ۽ درود جي لاءِ پنهنجي وات کي صاف رکڻ جي لاءِ ڏندڻ ڪندس ❁ مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص ڏندڻ جو عادي هجي مرڻ وقت ان کي ڪلمو پڑهڻ نصيب ٿيندو ❁ حضرت عبد الله ابن عباس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُما کان روايت آهي تہ ڏندڻ ۾ ڏهہ (10) خوبيون (***Qualities***) آهن: وات صاف ڪندو آهي، ڳُڙن (***Gums***) کي مضبوط بڻائيندو آهي، نظر وڌائيندو، بلغم (***Phlegm***) ختم ڪندو آهي، وات جي ڌپ ختم ڪندو آهي، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿيندا آهن، ربّ راضي ٿيندو آهي، نيڪي وڌائيندو ۽ معدو (***Stomach***) درست ڪندو آهي. ❁ ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ هن طرح پڪڙيو جو ننڍي آڱر ان جي هيٺيان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿي ۽ آڱوٺو چوٽيءَ تي هجي. ❁ ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلايو نہ جو هيءُ سنّت ادا ڪرڻ جو آلو آهي، ڪنهن جڳهہ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا پٿر وغيره وزن ٻڌي ڪري سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو. [3]

ياد رهي! روزي جي حالت ۾ بہ ڏندڻ ڪرڻ سنّت آهي، البت ڏندڻ چٻاڙڻ سان

1... اَلتَّرغِيْب وَالتَّرهِيب، كتاب: الطهارة، الترغيب فى السواک، صفحہ:86، حديث:18۔

2... مسند امام احمد، جلد:2، صفحہ:438، حديث:5869۔

3... 550 سنتين اور آداب، صفحہ:47-50۔

جُزا جُدا ٿين يا مزو محسوس ٿئي ته اهڙو ڏنڊڻ نہ ڪرڻ گهرجي.[1]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے
رب کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں

ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو
بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو[2]

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...فتاوىٰ رضويہ، جلد:10، صفحہ:511۔

2...وسائلِ بخشش، صفحہ:670-671 ملتقطاً۔